# قلوءَ جي شادي

(هڪ اصلاحي ڊرامو)



نويد بڪ ڊپو
جيلاني مارڪيٽ، شاهي بازار حيدرآباد،
چوڙڪي گهٽي، اردو بازار حيدرآباد.

# ڦلوءَ جي شادي

(هڪ اصلاحي ڊرامو)

37

مصنف:

محمد الياس "همغم" جوکيو

نويد بڪ ڊيپو

جيلاني مارڪيٽ شاهي بازار حيدرآباد.

جملي حق پبليشر وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو ....... ....... ڦلوءَ جي شادي
ڇاپو............... . ............ پهريون
تعداد............................. هڪ هزار
سال ................................ 2009ع

# ديباچو

18 جون 1959ع تي، مالهاڙيءَ جي عيد نماز ۾ جڏهن "شاديءَ تي فضول خرچ" جي عنوان تي تقرير ڪيم، تڏهن خيال ٿيو تہ ڇو نہ شاديءَ هڪ هڪ ننڍڙو اصلاحي ڊرامو لکي، سنڌي پائرن اڳيان پيش ڪريان. خدا جي فضل سان انهيءَ خيال جو نتيجو پڙهندڙن اڳيان پيش آهي. هاڻي فقط ضرورت آهي پڙهڻ بعد عمل جي. جيڪڏهن ڪنهن پاءُ يا پيڻ هن تي عمل ڪيو، تہ ڇئبو تہ منهنجي محنت جو قدر ٿيو!

جيئن تہ تصنيف جي ميدان ۾ هيءَ منهنجي پهرين ڪوشش آهي، تنهنڪري پڙهندڙن کي ڪنهن قسم جي ڪوتاهي نظر اچي تہ براهِ ڪرم عفو جي نظر سان معاف ڪرڻ فرمائين.

"همغم" جوکيو

لهاڙي متصل جنگشاهي

# ڦلوءَ جي شادي

## پردو پهريون

(واحد ڏنو هاري، ڏيگا چوڙي بنيءَ جي بند تي، ٻہر جي ٿڌيءَ چانئو هيٺ وينو ڪهاڙيءَ جو نئون ڳن چلي. پريان گلو، دادن ۽ مصري پيا اچن).

مصري: سلاماليڪم.

واحد ڏنو: (اٿندي) مليڪم سلام، ڪيڏانهن سنبريا پيا وڃو.

مصري: يرماٺ ڪيو هون پالارين سور ڏيئي چڏيا آهن. ستون مهنو ٿو هلي، اجا تا پلاند ڏين. ڏسون تہ هن پيري چا تا ڪن.
هڪيو حال تہ ينگ بہ ڪايو وينا آهن.

دادن: (پاٽي پي، مچون اگهندي) واحد ڏنا. بڌون پيا تہ چيٺ تان ڦلوءَ جي شادي ٿو ڪريان!

واحد ڏنو: ير شادي ڪهڙي! مڙس تي پيو آهيان البت غريب. سو مڙيئي پاڙي جا ٻہ چار ماڻهو دعوتي نڪاح پڙهائي ڇڏيندس.

دادن: هائو يار! پڪائي تو ڪرين، نہ اهڙو لوهو تہ ڪينهين. وڏ پڻ ۾ اهو هڪڙو پٽ تيو اٿيئي، سو تو پرڻائين. اهڙي خواري متان ڪرين، پاڻ تان ماڻهو ڪلائيندين! سو ٻہ توکي انهن ڏهاڪو کن ڳوٺين لاءِ حرام ڪو موٺائي. قرض پنو ڪٽي، ڪوڙ سچ ڪري، چار پاڙا دعوتي، انهن کي ڪاراءِ. پٽ بہ جوان تي پيو اٿيئي، سال ٻن ۾ قرض لاهي ڇڏيندا.

گلو: (بيڙي دکائيندي) ادا، دادن سچ تو چئي. لاٽي ڪان گهٽ تون بہ ڪونہ آهين. تنهن بہ ڏس تہ ڪهڙو ڪاج ڪري ڇڏيو! رڳو شل حياتي هجي، قرض، چا ڪندو؟

واحد ڏنو: (ڪجهہ مائل تي) ڏسون اچا تہ اِدائي تي مهنا پيا آهن، ٻا تہ پوءِ ڪٽي اهي پنج ڇهہ پاڙا دعوتبا.

دادن: (پنهنجي فتح محسوس ڪندي) ها ها، پيو وري چا! اهي ڏينهن روز روز ڪونہ ٿا اچن. پٽن ڪان وڌ پيو چا آهي!

مصري: (اٿندي) ادا اٿيو پنڌ پيو آهي. ساهي کنياسين ۽ واحد ڏني سان بہ الو پلو ڪيو سون. هاڻي هلون.

(گلو. دادن ۽ مصري پنڌ پون ٿا. واحد ڏنو کهاڙيءَ جو نئون ٻگن تيار ڪري. ڏڳن. ڏانهن روانو ٿئي ٿو. سندس چهرو پهرين کان ڪجهہ افسرده پيو پائنجي.)

## ٻرڏو ٻيو

(واحد ڏنو ۽ سندس زال بچل، پنهنجي ڪکائين گهر ۾ ويٺا آهن. بچل واحد ڏني جي قميص کي پيئي، چٽيون هڻي ۽ واحد ڏنو ڏڳن لاءِ ٻڌڻا پيو وٺي.)

واحد ڏنو: (زال کي مخاطب ٿي) منهنجي مرضي آهي تہ هي هڪڙو ڳوٺ دعوتي ڦلو پرٽائي ڇڏيان. گهٽي کترا ڳ ... و هرپيرو ضرور ڪونهي. نوي ربيہ اجا بہ ڏڳن جا رهيا پيا آهن. ڇهہ مهنا ٿيا آهن، عارب پيو گهري گناهہ تہ انهيءَ ويچاري بہ ڪونہ ڪيو آهي.

بچل: اهي هوءِ! ڪجاڙو تو ڳالهائين .......

واحد ڏنو: (زال جي ڳالهائڻ کي ڪپيندي) ڳالهائيان اهو ٿو جيڪي ٻڌين ٿي.

بچل: (منهن انروُ ڪري) مون کي اڳيئي ڪن پئي ڪڙهيا ۽ اهو سور پئي سمجهيو. راڄ ۾ اٿيو وينو آهين يا ڪونه. ڏسين ڪونه ٿو تہ ماڻهو ڪيئن ٿا ڏيون پٽ پرٽائين. خواريءَ جي بہ ڪانہ اٿيئي. ماڻهو ڇا چوندا. منهنجو پٽ رنوڙ ڪونهي، نڪائي رنوڙ ٿو پرڻجي، جو اهڙي ڪير ٿو ڪرين، آءُ ائين بنهہ بہ ڪين ڪنديس.

(اتي هڪڙي پاڙي جي پوڙهي مائي اهو مارڪو ٻڌي، اندر اچي ٿي.)

پوڙهي: امان، ڇا پيئي ڳالهائين؟ خير تہ آهي.

واحد ڏنو: (وچان پئي) مڙيئي خير آهي. قلوءَ جي شاديءَ بابت هڪ ڳالهہ ڪيم، سا ڏکي لڳي اٿس.

بچل: ڏکي ڇو نہ لڳندي، قلوءَ انهيءَ سانگ جو ڪهڙو گناهہ ڪيو.

پوڙهي: ابا سچ ٿي چئي. هڪڙو سڪيلڏو پٽ اٿو. ائين متان ڪرين. جيئن هميشہ لوڪ ڪري، تيئن چار پاڙا

دعوتي، پٽ پرٽاءِ. اهڙو نہ ڪين اٿيئي. هاڻي تہ ڏيگا بہ ورتا اٿيئي.......

(ائين چوندي پوڙهي هلي وڃي ٿي ۽ واحد ڏنو بہ اٿي ڪم تي وڃي ٿو.)

# پردو ٽيون

(واحد ڏنو ۽ بہ چار ماڻهو ٻيا شام جوهڪ پوني تي وينا. هيڏي هوڏي جي ڪن. پريان هڪ نوجوان چڱيءَ پوشاڪ سان اچي ساڻن مليو آهي.)

نوجوان: (ٿوريءَ دير ڪان پوءِ) چاچا واحد ڏنا. قلوءَ جي شادي ٿو ڪرين، بنهہ سنو ڪم ٿو ڪرين. گهٽي خرچ يا دعوت مان فائدو تہ ڪونهي، پر اٿلو پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد جي بربادي آهي. بابا مونکي شادي ڪرائي، تہ ادائي هزار رپيہ خرچ ڪيائين. قرض جيڪو کنيائين، سو اڄ پنج سال ٿيا آهن: تہ بہ ڪونہ لٿو آهي. شاديءَ جي انهيءَ اڍنگي خرچ مونکي

ڪاليج کان بہ ڪاري ڇڏيو. مونکي انهن ڏينهن ايتري خبر ڪانہ هئي تہ اهي خرچ اسان لاءِ ڪيتري قدر نقصان ڪار آهن. اج آءُ چڱي طرح سمجهي سگهيو آهيان تہ اهي شاديءَ تي ٿيندڙ فضول خرچ اسان لاءِ محض بربادي‌ءَ جو سبب آهي. هاڻي مون پڪو نهراءُ ڪري ڇڏيو آهي تہ جيڪو بہ شادي وغيره ڪريہ تنهن کي هيڪر هلبي مثالن ۽ دليلن سان چڱيءَ طرح سمجهائيندس، وڏيڪ سندس مرضي.

رمون: (ويلن مان هڪ پراڻن خيالن وارو شخص) ادا. ٻڌيوَ هي ڪاليجي ڀانيان ٿو تہ سگهوئي اباڻيون ڏاڏاڻيون پريون ڇڏي ڏيندا. پٽس ڪيڏي سندس شادي ڪئي. اجا بہ ماٺهو پيا چون تہ پٽ پلي يار محمد پرڻائي. هي وري اج پٽس کي پيو ڏوهہ ڏئي. واه ابا واه! پڙهي سڌريو آهين. ڪاج تہ مڙسن جي ناموس آهن واحد ڏني کي بہ اهو هڪڙو پني سڪي لڏو پٺ آهي، سو تہ اهڙي خواري ڪانہ ٿو ڪري.

نواجوان: (جذبي هيٺ اچي) مائت آهيو پر معاف ڪجو. ڪجهہ منهنجي ڳالهہ بہ ٻڌوا اوهانکي خبر آهي تہ

اهي فضول خرچ اسلام ۾ ڪيتري قدر جائز آهن. الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ صاف صاف ارشاد فرمايو آهي "ان المبذرين ڪانوا اخوان الشيطين" يعني فضول خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن. جڏهن خود حضور جن جي پياري ۽ لخت جگر نياڻي حضرت بي بي فاطمةالزهره عليه السلام ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جي شادي خانه آباديءَ تي صرف چند اصحابن کي دعوت ڏني ويئي ۽ انهن کي جيڪو طعام کائڻ لاءِ ڏنو ويو، سو به هنن پنهنجي پنهنجي گهران آندو هو ۽ بس. ته پوءِ اهي وسيع دعوتون ۽ هزارين رپيه خرچ اسان مسلمانن لاءِ ڪيئن جائز آهن؟ !وهانڪي خبر هوندي ته اڄ اسانجي ارباب حڪومت به اهڙو قانون ڪڍيو آهي جنهن موجب (35) ماڻهن کان وڌيڪ دعوت ڏيڻ ۽ انهن کي کاڌو کارائڻ قانوني ڏوهه آهي.. اوهان سمجهي نٿا سگهو ته حڪومت اهو قانون ڇو ڪڍيو آهي! انهيءَ لاءِ ته اسين مسلمان انهن موقعن تي، جيڪي هزارين رپيه خرچ ڪريون ٿا، سي بچايون.

پيسو تمام قيمتي شيِ آهي، ان کي تعليم جهڙي اهم ۽ ضروري ڪم تي صرف ڪريون، جيئن اسان مسلمان بين حڪومتن سان، هر پهلوءَ ۾ ڪلهي ۾ ڪلهو ملائي سگهون. بابا منهنجي شاديءَ تي جيڪي اڍائي هزار رپيہ خرچ ڪيا. سي جيڪڏهن منهنجي تعليم تي خرچ ڪري ها، تہ ڪر آءُ ڪيترو نہ وڌيڪ پڙهي، پنهنجي ۽ پنهنجي مائٽن جي زندگي سنواري سگهان ها! مگر افسوس، جو اسان ۾ سمجهہ ۽ فهم جو مادو تمام گهٽ آهي، جنهنڪري ڏينهن ڏينهن کان پٺتي پوندا ٿا وڃون!!

واحد ڏنو: (پنهنجي ارادي سان هڪ پڙهيل ۽ چڱي خاندان جي فرد کي متفق راءِ ڏسي، خوش ٿي) ياڻرو مون ۾ تہ اڳيئي پهچ ڪانهي، ويتر جو جان محمد اهڙا سونهري مثال ٻڌايا آهن، سو آءُ ڪندس صفا ائين، جيئن ارادو اٿم.

رمون: (جان محمد کي نفرت کي نگاهہ سان ڏسندي) ڇڏ ڇوڪرن جي ڳالهين کي. قرآن جو حڪم اڳي تہ اسان ڪنهن کان بہ ڪونہ ٻڌو. اڄ هن وٽ وحي آئي

آهي! مولوي غلام رسول پنهنجي پٽ جي شادي ڪرائي هئي، سا تہ تو بہ ڏٺي ۽ ڪاڏي هئي. ائين هو تہ پوءِ انهيءَ چوَ ايترا خرچ ڪيا؟ حڪومت جي اهڙو ڪو قانون ڪڍيو آهي تہ ٻچا ٽيو هتي ڀهراڙيءَ ۾ ڪير ٿو اچي! جي ڪٺي ڪو آيو تہ بہ پوليس وارو ايندو تنهنڪي ماني ڪارائي، چار ڏوڪڙ ڏبا تہ خوش ٿي ويندو.

(ايتري ۾ مرانجهڙي ٽئي ٽي ۽ هو سڀ پنهنجي ڀور ڀڳي ڪي هتيڪو ڪرڻ لاءِ اٿن ٿا.)

# پردو چوٿون

(ڇٽل ۽ ڦلوءَ جو ٽيندڙ سهرو) ۽ سندس زال ڏٺي، پنهنجي ڪڪائين گهر ۾ ويٺا آهن. ڏٺي پنهنجي ڌيءَ جو پڙو وبني ناهي ۽ ڇٽل ڌيءَ جي منجي لاءِ نوڙي وينو وٽي.)

ڇٽل:_ (مايوسيءَ مان) اسوءَ جي دڪان تان سو ربين جو سامان وٺي چڪي آهين، الاهي ڪڏهين اهو قرض

لهندو. هاڻي وڏيڪ متان ڪا شي شڪل وٺين. مون
ڳراهو سو لاهڻ جي بہ پهچ ڪانهي.

ڏني:_ (پيتيءَ مان سامان ڪڍندي) سو ڳ مليو چا آهي!
دڪاندار هر شي جا اڳهہ چوٽ چاڙهيو ويٺا آهن.
هيءَ چيٽ روڪڙي تي بہ ريہ گز ڏنائين تي، پر
مونکي اڌائين جي حساب سان ڏني اٿس. بس مون تہ
اجا اهو سامان ورتو آهي. اجا سوڙ جو ڪپڙو ۽ ڪپهہ
وٺبا. اٺ وهاڻا تين، سي بہ وٺبا. ڏيئڙيءَ لاءِ چار
گنديون (چنيون) وٺبيون. چار ڏريون ۽ تي، پٽيون
وٺبيون. اهڙو سنهو ٿلهو سامان بيو بہ گهٽوئي وٺبو.
گهٽ ۾ گهٽ پنج سو اچان بہ قرض کڻبو تڏهين مس
مس پرمپري ٿيندي.

چتل:_ مار پوبئي، ايترو ڪهڙو ڪتراڳ ڪيو اٿيئي! تن تہ
پنج سو تي چوين. پر مون وٽ گهر ۾ سو جي مڏي بہ
ڪانهي! متان اموڪلائي پيير ڊگهڙين!!

ڏني:_ (عجب مان) هاءِ! اهي پيير ڊگهرڻ آهن! جانوءَ جي گهر
تہ وجي ڏس، ڪيترو ڏاج ۾ ڏيءَ کي ماٽتن ڏنو آهي
وڏيڪ نہ، تہ ايترو تہ ڏيءَ کي ڏيون. جو سيان ڪ...

مهٽو تہ نہ ڏي يا ائين ڪو تہ نہ چوي تہ ڏيءَ مائٽن وٽان هٿن خالي آئي.

جان محمد: ٻاهر بيٺل آهي، اهو مارڪو ٻڌي اندر اچي ٿو)

ڄان محمد:_ ماسي، پنهنجي حال سارو هلوءِ سياري جي سوڙ آهر پير ڊگهيريو. پرايون ماڙيون ڏسي، پنهنجا پونگا نہ کوهيو. اسلام ۾ اهي خرچ فضول آهن ۽ محض رسم جي ناجائز ادائگي آهي. ورنہ انهن خرچن جو ڪو ضرور ڪونهي. توکي قرآن مجيد جو حڪم ٻڌايان. الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اهي فضول خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن. خود بيبي فاطمہ خاتون جنت کي پنهنجي والدين کان جيڪي ڏاج ۾ مليو سو ٻڌ! حضور هن نڪاح کان اڳ پنهنجي پياريءَ نياڻيءَ کي پيار سان چيو ”ڌيءَ ڪپڙا ڌوءِ ۽ وهنج!“ جڏهين اسانجي پياري پيغمبر جي نياڻيءَ شاديءَ جي رات ڌوتل ڪپڙا پاتا، تہ پوءِ اسان جو ڏيئرون ان کان وڌ آهن ڇا؟ بيبي صاحبہ کي ڏاج ۾ هڪ چادر ٻہ سانداريون، هڪ وهاڻو ۽ هڪ جنڊ

ملِيا هئا، ڇا اسانجون نياڻيون بيبي صاحب کان مان شان ۾ وڌيڪ آهن؟ نہ، هرگز نہ.

ڏني:_ (دل ۾) ڇورو هي وري کھڙا رسالا کڻي وينو آهي. هنن جي مرضي آهي تہ آءُ ڏيءَ بانهن کان جهلي، اڳ اگھاڙي، ڏاج نہ پڙو گھر نہ گھاٽ، ائين گھوٽ جي حوالي ڪري ڇڏيان! نہ نہ. اهڙي خواري، ڇا بہ تي پوي نہ ڪنديس. قرض پنج سو ٿئي تہ ڇا، جي هزار ٿئي تہ ڇا! پاڙيهي پيو لهندو. (زبان کولي جان محمد کي مخاطب ٿي) پھرين تون بہ پنهنجي گھر ۾ نظر ڪر، حوا کي مائٽن ڇا ڇا ڏنو آهي. انهن کي نٿي ڇيئہ، باقي مونکي ٿو اهي حديثون پڙهائين. (پيتي بند ڪري ڪاوڙجي گھر کان ٻاهر هلي وڃي ٿي)

ڇتل:_ (فڪر مان) پٽ ڏسين ٿو زالين جا خسارا! هن تہ مونکي ان پاڙي زهر ڪري ڏنو آهي ڇا ڪريان، جي ٿو ڪچان تہ ٿي راڄ ۾ خوار ڪريم. تنهنجي انهيءَ نصيحت بہ تہ باهہ تي تيل جو ڪم ڪري ڏنو ٿيوس ڪو اثر!

جان محمد:_ (ڌڪ مان) ياءُ ڇتل! الاجي اِهي فضول ۽ گردن توڙ رسمون. اسان مسلمانن ۾ ڪيئن پيدا ٿيون! مان ته انهن خرچن جي سخت مخالف آهيان. چوندس هر ڪنهن کي، پوءِ ڪو مڃي يا نه مڃي. بابي منهنجي شاديءَ تي جيڪي خرچ ڪيا، تن جون جنيون اڃان به پيو ڪريانس. واحد ڏني کي به سهٽي صلاح ڏيڻي آيو آهيان پر اڄ ڪنهن جي سئين ڪرڻ وارا! تمام ٿورا ۽ اونڌي ڪرڻ وارا گهڻا. (جان محمد اٿي ٿو ڏني انکي ٻاهر ويندو ڏسي وري اندر اچي ٿي)

ڏني:_ (غصه مان) اٿي هل، هلي مونکي سڀ سامان وني ڏيءِ نه ته گهر تپائي ڏيندي سانءِ.

ڇتل:_ (مجبوريءَ سان) ڇڏ اجايون ڳالهيون. خدا جو قسم ته مون ۾ ايتري طاقت ڪانهي. جيڪي ورتو اٿيئي، اهوئي گهڻو آهي: وڌيڪ خيال ئي نه ڪر. لولي جو لوڻ به نه سرندنءِ

ڏني:_ (رئندي پٽيندي) هاءِ! مونکي خوار تو ڪرين! آءُ مٺو ڪٽي ويندس! پاڻکي ڦاهي ڏيئي ماريندس!!

ڇنل:_ (خوشيءَ کي غميءَ ۾ بدلجندو ڏسي، لاچار ٿي) هل يلا هل، اٺ ته هلون دڪان تي، جيڪي کپيئي، سو هلي وٺ. مونکي ته اڄ ڪان تو ڪاڏو پيٽو زهر ڪري ڏنو آهي. تون ته هلي سامان وٺي دل خوش ڪر. (پاڻ زال مڙس ٻئي دڪان ڏي منهن ڪن ٿا.)

# پردو پنجون

(رات جا اٽڪل (9) لڳا آهن. واحد ڏنو ۽ سندس زال ٻچل، پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ تڏي تي ويٺا آهن. زمين تي هلڪيچ چانڊوڪي ڦهليل آهي)

واحد ڏنو:_ (دل جهلي زال کي مخاطب ٿي) ڳالهه ٻڌايانءِ! ڪالهه جانوءَ مونکي سهڻي صلاح ڏني آهي ته شاديءَ ۾ اهي فضول خرچ اسلام ۾ ناجائز آهن ۽ اهي خرچ اسان مسلمانن کي تباهه ڪندڙ آهن. تنهنڪري اسان مهرباني ڪج، آءُ جيئن ڪريان، تنهن ۾ تون پيچ گهڙ متان ڪرين.

بچل:_ (بي صبريءَ سان) آءُ جيئن ڪريان ........ اجا انهيءَ ڳالهه تان ڪانه لٿو آهين! خواريا، خواريءَ جي به ڪانه تي وهي ونيئي؟

واحد ڏنو:_ (گرم ٿي) هاڻي مهرباني ڪري، جيڀ بند ڪر. مون دعوت به هن ڳوٺ کي ڏني آهي ۽ سامان سڙو به هن هڪڙي ڳوٺ جو ورتو اٿم. وڏيڪ چا به ٿي پوي، بنهه نه ڪندس.

بچل:_ (متوءِ چاتي پٽيندي) گهوڙاڙي ........ منهنجي قسمت کهڙي ماٺهوءَ سان اتڪي آهي. سيني راجن کي دعوت ڏي نه ته آءُ پاڻ کي پٽ سان اهڙي ڪپر تيڻ ڪان اڳ ٿي، ڦاهو ڏيئي ماري ڇڏيندس. (ائين چوندي پاڻکي پٽ تي ڪيرائي ٿي.)

واحد ڏنو:_ (بچل جي نازڪ حالت ڏسي) ڏر نه! ٿي خوش. صبحاڻي وڃان ٿو ڏهه ڳوٺيون اَن جو ٻيون به وٺڻ. صالح کي موڪليان ٿو ته اُٺ ڦندر لاءِ وني اچي. پوءِ سيني راجن کي گهرائي، پاڻ کي زندگي پر گروي رکائي توکي ڪريان ٿو راضي. پوءِ ڪٿن منهنجا پاڳ.

(واحد ڏنو ڍڳا ڪِلي مان ڇوڙي وجي ٿو جهنگ چارڻ ۽ بچل
دلي مراد کي پوري ٿيڻ جي اميد تي سمهي پوي ٿي.)

# پردو ڇهون

(ڳوٺ ۾ نڪاءَ پيو پوي. هڪڙا ٻه اُٺهر وين پيا ته پيا اچن پيا.
ڏنو بي وسيءَ سان ائين ڏسي رهيو آهي، جيئن ڪي
مسلح ڌاڙيل ڪنهن جي خزاني کي لٽيندڙ هجن ۽
مالڪ پري کان ڇيلهه تي هٿ رکي ڏسندڙ هجي.)
اسو: (هڪ ڪاغذ ڪڍي، واحد ڏني کي مخاطب ٿي) هاڻي
جلد ڪر. 9_6_1800 رپين جي رسيد لکي ڏي ته
ايندڙ ڪتيءَ تان چڪتو ڪندس. (واحد ڏنو رسيد
لکي ڏئي ٿو ۽ اسو چتل ڏانهن وڌي ٿو)
اسو: (چتل سان مخاطب ٿي) شاباس دير نه ڪر. تون به
3_13_986 رپين جي رسيد لکي ڏي ته هڪ سال
اندر چڪتو ڪندس. (چتل به رسيد لکي ڏئي ٿو ۽
اسو پنهنجي گهر ڇتل ۽ واحد ڏنو قلوءَ جي نئين
اڏيل گهر ڏانهن وڃن ٿا)

# پردو سٽون

(ڪٽي لٽي آهي، واحد ڏنو 10 ڳوٽيون سارين جون آٽي گهر
لاهي ٿو تہ ايتري ۾ اسو دڪاندار قرض جي بندي
ڪٽي اچي ٿو.)

اسو: (منهن ۾ سرهائي ظاهر ڪندي) هل ميان چڪتو ڪر.
ساريون سڀ ڪٽائي هڪ دڪان تي تہ توريون ۽
حساب ڪريون!

واحد ڏنو: (عاجزيءَ سان) سيٺ پنج ڳوٽيون رکان ٿو ڪاڏي لاءِ،
باقي پنج ڳوٽيون ڪٽي تا هلون!

اسو: (شوخائيءَ سان) ڪاڏي لاءِ وري ڇاجيون! پهرين حساب
چڪتو ڪر، پوءِ رک ڪاڏي لاءِ. (واحد ڏنو لاچار ٿي
ڏهہ ئي ڳوٽيون ڪٽائي، ساڻس وڃي ٿو ۽ سيٺ حساب
ڪري باقي 1600 رپيہ طلب ڪري ٿو.)

واحد ڏنو: چڱو صبر ڪر، اهي وري چيٽ لٽي ڏيندوسانءِ.

اسو: (رعب سان) چيٽ ٻيٽ آءُ ڪونہ سڃاڻان. وڃ جلد ڪر
پيگا ڪاهي اچ.

(واحد ڏنو مجبور ٿي ڏڪا آڻي ڏئي ٿو).

اسو: (حساب ڪري) شاباس، باقي 1055 رپيہ. تن ۾ ڇا ٿو ڏئين؟

واحد ڏنو: (نماڻائيءَ سان) سيٺ، در تي هيمر ڏڪن جي جوڙي، سا بہ تہ توکي ڏنم. هاڻي تہ سواءِ قلوءَ جي گهر جي؛ ٻيو ڪي بہ ڪينهي. بہ چار مهنا صبر ڪريو آءُ ۽ قلو وڃون ٿا مزوريءَ تي، پوءِ اميد تہ اها رقم سڀ چڪتو ٿي ويندي.

اسو: نہ نہ! هل تہ هلون، هلي قلوءَ جو گهر ڏسون تہ سامان ڪيتري جو آهي. پهرين گهر جو سامان ڏي پوءِ ٻي ڳالهہ.

واحد ڏنو: (پگهر ۾ شل ٿي) سيٺ، ڪجهہ قياس ڪر. ٻچي ڪونہ ٿو وڃان، جو اهڙي وٺ پڪڙ اچي لاٿي اٿيئي.

(اسو ڪاوڙجي ڪورٽ ۾ داخل ڪرڻ جو دڙڪو ڏئي ٿو ۽ واحد ڏنو ڏجي ڪيس گهر ڏانهن وٺي روانو ٿئي ٿو).

اسو: (گهر جو سامان ڪٽي، حساب ڪري) شاباس، اچي چڙهيو آهين. باقي 55 رپيہ. (ائين چئين خوش ٿئي ٿو).

واحد ڏنو: (رڻٽهار ڪو منهن ڪري) وٺ ميان وٺ! ٿي خوش.

(ائين چوندي قلوءَ جي شاديءَ جا ڪپڙا 55 رپين ۾ ڏئي ٿو. اسو خوش ٿي گهر روانو ٿئي ٿو. واحد ڏنو پٽ، ننهن ۽ زال ساڙ ڪري، شرم ۽ خواريءَ سبب ڳوٺ ڇڏي، ٻي شهر روانہ ٿين ٿا).

# پردو ائون

(قلوءَ جي شاديءَ کي هڪ سال گذري چڪو آهي. ڇتل ۽ سندس زال ڏني، گهر ۾ ڳٽتي ڪائين تہ ايتري ۾ اسو قرض جي بندي ڪٽي اندر اچي ٿو).

اسو: (جلدائي سان) ها ميان، سال پورو ٿيو. رهيل حساب چڪتو ڪر، باقي ڇهہ سو اٿيئي!

ڇتل: (واحد ڏني ۽ قلوءَ جي حالت تي سوچي ٿو تہ ڪيئن نہ پناڙ تي هڪ ئي ڏينهن ۾ هنن کان سڀ رقم وصول ڪئي هئائين. ائين سوچيندو هو محسوس ٿو ڪري تہ اسان سان بہ اهائي ڪار ڪندو).

اسو:_ (ساڳي رفتار سان) ڇِتل، ڇا ٿو سوچين، ڇڏاءِ، دير نہ
ڪر.

ڇِتل:_ سوچيان ٿو تہ واحد ڏني ۾ قلوءَ کي اجا هڙ ۾ ڪجھ
هئو جو ڏيئي جندِ مڙيئي ڇڏائي ويا. پر مون وٽ تہ
هن جھڳيءَ کان سواءِ، ٻيو ڪجھ بہ نهي. هفتہ کان
پوءِ رئيس داد محمد ايندو تنهن کان ڪانٽي ٻول تي
ڪٽندس، پوءِ توکي پيسا ڏيندو ويندس.

اسو: (گھر جي ايري سيري سامان جو حساب ڪري) شاباس،
ڪنيءَ ڏر مان جيڪي نڪري، سو چڱو ٿي سو ريہ
گھر جي سامان جا لاهيا اٿم، باقي ٿي سو تن بابت ڇا
ٿو چوين؟

(ڇِتل سوچي رهيو آهي تہ هي صبر ڪرڻ وارو تہ ناهي، گھر
جي سامان ۾ ٿي سو لاٿا اٿس، اها بہ سندس مهرباني،
جي بہ سو لاهي ها تہ بہ وس وارو هو).

اسو:_ چڱو هاڻي هٿ تہ اوهان جو ڪجھ بہ ڪونهي: هلو ٻئي
ڄڻا منهنجي گھر، ڇھ مهنا تون منهنجي دڪان تي
ڪم ڪر ۽ ڏني گھر ۾ ڪم ڪري، ڇهن مهنن کان

پوءِ اوهين ٽيا قرض ڪان آجا. پوءِ جيڏانهن ڪپيو تيڏانهن خفا خون ٿجو.

(ڇٽل ۽ سندس زال ڏني، ڇهن مهنن لاءِ اسوءَ سان گروي ٿي وڃن ٿا).

پردو ڪري ٿو.

نوٽ:_ هن ڊرامه ۾ جيڪي نالا ڪم آندا ويا آهن، اهي فرضي نالا آهن. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن ڪن ماڻهن سان ٺهڪي اچي تہ اهو محض اتفاق سمجهڻ گهرجي.

**پورو ٿيو**

SIR IRFAN UNIVERSAL PUBLIC ELEMENTARY SCHOOL
HYDERABAD